# مهراڻ

جلد ۲۳ - نمبر ۳ ۽ ۴

۱۹۷۴ع

سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ.



**ٺٽي جي شاهجهاني مسجد ۾ جمعة الوداع جي نماز جو نظارو**

[سنڌ جي هن تاريخي مسجد جي مرمت جو ڪم سنه ١٩٥٨ع کان هلي رهيو آهي ۽ ان تي لکين رپيا خرچ اچي چڪو آهي. مرمت تي وڃڻ کان پوءِ جڏهن آسپاس اصلوڪي نموني ۾ باغ بوستان لڳي ويندا، ته سنڌ جي هيءَ تاريخي مسجد ملڪ جي خوبصورت ترين مسجدن ۾ شمار ٿيندي.]

تحقيقي لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

جي [illegible] سان آهي

# مهراڻ

## سنڌي ادبي بورڊ جو ٽه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ۲۳ — نمبر ۳-۴
[جولاءِ، آگسٽ سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر، نومبر ڊسمبر ۱۹۷۴ع جو گڏيل پرچو]

---

ايڊيٽر
غلام محمد "گرامي"

اسسٽنٽ ايڊيٽر
انور هالائي

مئنيجر
محمد امين بلوچ

سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد. سنڌ.

ايڊيٽر سان لکپڙهه لاءِ ائڊريس:

## ايڊيٽر مهراڻ

[پوسٽ باڪس نمبر ١٢]
جنرل پوسٽ آفيس
حيدرآباد، سنڌ.

خريداريءَ لاءِ ائڊريس:

## مئنيجر

سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال،
[پوسٽ باڪس نمبر ١٢]
جنرل پوسٽ آفيس
حيدرآباد، سنڌ.

**قيمت هي پرچو ٥-٠٠ رپيا**

ساليانو چندو ١٥-٠٠ رپيا

Printed and Published by Ghulam Rabbani A. Agro,
Secretary, Sindhi Adabi Board, at the Baord's Printing Press, Hyderabad Sind.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌاسٽڊيز، ڄامشورو.

# گذارش

## من جي دنيا:

موجوده دؤر جو 'انسان' اڄڪلهہ جي مفڪرن لاءِ هڪ اهم موضوع بڻجي چڪو آهي. دنيا جا فلسفي، عالم ۽ حڪيم، 'انسان' جي اخلاقي زوال تي رت جا ڳوڙها ڳاڙي رهيا آهن. سندن چوڻ آهي تہ اڄڪلهہ جي "انسان" جو ذهن ۽ ضمير ٻئي عدم توازن جو شڪار بڻجي چڪا آهن. اڄوڪي انسان جو فڪر و نظر فقط انگن-اکرن، تجربي ۽ مشاهدي جي موهل واريءَ ڪاٽ ۽ ان جي مانداڻ جي ڪچ ۽ ماپ ۾ الجهي چڪو آهي.

انسانيت ۽ ان جا لطيف احساسات، پاڪيزه جذبات، بلند نصب العين، صحتمند دائمي قدر، اخلاق جا اعليٰ اصول، انسان جا اجتماعي حق، مساوات ۽ اخوت جو عالمگير نظام، اهي ۽ ان جهڙا ٻيا ترقي پذير ۽ حيات پرور اصول اڄڪلهہ جي انسان جي نظر ۾ چڻ تہ ڪا حيثيت ئي نٿا رکن. هي اهي تلخ حقيقتون آهن، جي رڳو مشرق نہ پر مغرب جي انسان دوست مصلحن ۽ عالمن بہ تسليم ڪيون آهن. مغرب جا ڪيترا وڏا عالم اهو اعتراف ڪري چڪا آهن، تہ سائنس ۽ علم جديد جي مطالعي کان پوءِ اهو واضح ٿو ٿئي تہ هن موجوده دؤر جي جديد تهذيب جي تعمير جي سلسلي ۾، جي جديد اصول ۽ قدر قبول ڪيا ويا آهن، تن کي انسانيت جي تعمير لاءِ گهٽ، پر تخريب لاءِ وڌيڪ استعمال ڪيو پيو وڃي. اهڙن قدرن جي غلط استعمال جي ڪري، انسانذات جي صحيح ۽ متوازن نشو و نما ۾ رڪاوٽ پيدا ٿي چڪي آهي، ۽ 'انسان' اخلاقي طور جيئن پوءِ تيئن تباهہ ٿي رهيو آهي.

محققن ۽ مفڪرن اهو بہ اعتراف ڪيو آهي تہ اهي اصول ۽ قدر، جي محض "مادي تعبير" مان پيدا ڪيا ويا آهن، تن جي تجربن ۽ مشاهدن جي چند نتيجن تي اجايو اعتماد پيدا ڪري، ذي روح ۽ باشعور انسان جي تهذيبي، معاشرتي، روحاني ۽ اخلاقي مشڪلاتن کي حل ڪرڻ جي سلسلي ۾، ڪين نهايت غلط نموني ۾ استعمال ڪيو ويو آهي.

انسان ۽ ان جي زندگي هوندي بہ نهايت پيچيده آهي، ان جي گهرائيءَ جي ڪا انتها نہ آهي، نہ ڪو ان جي وسعت جو ڪو آخري اندازو لڳايو ويو آهي. تنهنڪري جي ماڻهو، انسان ۽ ان جي مشڪل ۽ پيچيده مسئلن کي رڳو مادي

هينئر تائين جديد فلسفي ۽ مذهبيات جي مطالع وارن اهو ثابت ڪيو آهي ته زندگي هڪ ارتقا پذير حرڪت آهي، ۽ اها حرڪت مسلسل هلندي ٿي اچي. آدجڳاد کان وٺي، نامعلوم زماني تائين، زندگيءَ ۽ ڪائنات جي اها ارتقا پذير حرڪت، مسلسل ۽ لاڳيتي هلندي آهي ۽ ان جي حرڪت ۾ ڪٿي به ڪو ڇيڇو ۽ وقفو نه آهي. ان طول طويل سفر ۾ 'موت" هڪ عارضي منزل آهي، جنهن کان پوءِ حيات بعد الممات جو سفر شروع ٿو ٿئي. فلسفي ۽ تصوّف جا چاڙهو حڪيم ۽ فيلسوف چون ٿا ته معنوي طور تي انسان، روح ۽ حيات باقي ۽ لافاني، زنده ۽ جاودان آهن. باقي عناصرن مان ٺهيل جسم فاني آهي، ڇو ته عناصر به فاني آهن، ۽ ماديءَ کي حيات جاوداني حاصل ناهي. روح ئي لازوال ۽ لافاني آهي.

قدرت جي ڪارخاني ۾ "انسان" به هڪ وڏي وٿ آهي، حقيقي ڪارساز جو نائب ۽ خليفو آهي. هن زندگيءَ کي سنوارڻ ۽ ترقي وٺائڻ سندس منصبي فرض آهي. بلڪ چيو ويو آهي ته هيءَ ڪائنات ۽ ان جي ارتقا ۽ تسخير آهي ئي انسان لاءِ. نظام شمسي، زمين ۽ هوائون، باغ ۽ راغ، اوڙ ۽ ميوا، حيوان ۽ ٻيا جاندار، سڀ "انسان' لاءِ خلقيا ويا آهن ۽ هيءَ ڪائنات بي مقصد نه خلقي وئي آهي. "انسان" جي حيثيت هن ڪائنات ۾ نهايت اهم آهي. ان اهميت کي محسوس ڪندي ئي علم وارن چيو آهي ته 'انسان' "عالم صغير' آهي. ان جي معنوي حيات لاءِ "موت' کان پوءِ به حياتيءَ جي ارتقا موجود رهندي. لطيف چيو آهي:

"نه ڪا ابتدا عبد جي نه ڪا انتها"

بهرحال، عالمن چيو آهي ته انسان ۽ ان جو روح ۽ ان جا ڪارناما، سڀ زنده رهن ٿا. گويا 'انسان' کي موت به هميشه لاءِ مٽائي نٿو سگهي، بلڪ 'موت" سندس سفر جي هڪ عارضي منزل آهي، جنهن کان پوءِ حيات بعد الممات جو سفر جاري رهي ٿو.

لطيف سائينءَ فرمايو آهي:

مرڻا اڳي جي مُئا، سي مَري ٿيا نه مات،
هوندا سيِ حيات، جيئا اڳي جي جئا.

مرڻ کان اڳ مرڻ ۽ جيئڻ کان اڳ جيئڻ تي، فلسفيانه ۽ صوفيانه بحث موجود آهن، جن جي اپٽار جي هت گنجائش نه آهي. فقط ايترو سو چوڻو آهي ته ان ۾ زندگيءَ جي مسلسل حرڪت ۽ حيات جاودان کي بيان ڪيو ويو آهي. "انسان" جي معنوي ڪمال جي به ڪا انتها ناهي، اهو معنوي ڪمال، هن رنگ ۽ بوءِ جي دنيا ۾، جسماني موت کان پوءِ به قائم ۽ دائم رهي ٿو، ۽ اهوئي آهي، "مرڻ کان اڳ مرڻ ۽ جيئڻ کان اڳ جيئڻ".

سنڌي ادب مان وچڙيل سائي، اگرچ اڄ جسماني لحاظ سان، هن نسگ ۽ بوءِ جي دنيا ۾ موجود ناهن، پر سندن علمي ۽ ادبي، فني ۽ اخلاقي، عملي ۽ ذهني وجود ۽ ڪارناما اڄ به موجود آهن، ۽ موجود رهندا. انڪري، اهي جڏهن ته اسان وٽ حيات به آهن ۽ اسان وٽ موجود به آهن. ظاهري طرح سان اهي لاهوتي لڏي ويا آهن، پر اسان وٽ پنهنجو علم ۽ فن ڇڏي ويا آهن. انهن جي علم ۽ فن کي سهيڙڻ ۽ سنوارڻ ۽ انهن جي منصبي فرض کي اڳتي وڌائڻ اسان جي فرض ۾ شامل آهي.

اسان جا سائي پنهنجو وارو وڄائي ويا، هاڻي اسان کي انهن جي ڪم کي تڪميل تي پهچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. لڏي ويل سائين جي يادگيريءَ جو اهو هڪ بهترين ۽ مثالي طريقو آهي. ان جي مقابلي ۾، رڳو ماتم سرائيءَ ۽ اشڪ شوئيءَ مان ته ڪجهه به ورڻو ناهي.

لڏي ويل سائ ۾، جي سائي اسان کان وڇڙي چڪا آهن، تن جي علمي ۽ ادبي ڪارنامن کي تفصيل سان بيان ڪرڻ جي هت في الحال ڪابہ گنجائش ناهي. اهو ڪم اڳتي هلي سنڌي ادب جا عالم ۽ دانشور ئي ڪندا. في الحال سندن نالن پيش ڪرڻ تي اڪتفا ڪجي ٿي.

هن سلسلي ۾ مرحومہ بيگم زينت چنا جو اسم گرامي، سر فهرست آهي. سنڌ جا اديب ۽ دانشور، پيار ۽ پاپوه وچان کين ”جيجي“، ڪري سڏيندا هئا. سندن علمي، ادبي، ۽ سماجي خدمتون سنڌي ادب جي تاريخ ۾ امر رهنديون.

ان طرح حيدرآباد جي رچ چگي مڙس مرحوم سرائي اميد عليءَ جهڙي ڪهنه مشق افسانہ نگار، شيخ عبدالله عبد مرحوم جهڙي عالم ۽ ناقد، مولوي الله ورائي بروهيءَ جهڙي عالم دين ۽ صاحب قلم، مرحوم ضياءالله غلام علي نانا جهڙي فضيلت پرئي بزرگ، مرحوم علي محمد خالديءَ جهڙي پياري قربائتي ۽ زنده دل شاعر، مرحوم جان محمد جماليءَ جهڙي محترم استاد ۽ تعليمي سدارڪ، مرحوم محمد حسين آتش جهڙي قادرالڪلام غزل گو شاعر ۽ مرحوم عبدالغفور انصاري جهڙي نوجوان اديب ۽ ماهر تعليم ۽ مرحوم ممتاز حسن جهڙي انسان دوست ۽ سنڌي ادب جي خيرخواه دانشور کان وڇڙي چڪا آهيون.

دعا آهي ته رب ڪريم کين مترهي ۽ جنت ۾ جاءِ ڏئي ۽ سندن پسماندن کي صبر جميل جي توفيق عطا فرمائي ۽ ان سان گڏ، الله تعاليٰ سنڌي اديبن ۽ دانشورن کي پڻ پنهنجي فرض ادائيءَ جي توفيق عنايت فرمائي، جيئن هو سنڌي ادب جي وڇڙيل سائ جي فن ۽ عملي ذخيري کي سهيڙي، سنواري ۽ شايع ڪري سگهن. سنڌي ادب جي خدمت جي سلسلي ۾ اها هڪ وڏي خدمت ۽ فرض شناسي چئي سگهجي ٿي.

## الياس عشقي جي آمد:

اها نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته مشهور عالم ۽ شاعر جناب الياس عشقي، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جو اسٽيشن ڊائريڪٽر مقرر ٿي آيو آهي.

محترم عشقي صاحب، پنهنجي ادبي مقام جي حيثيت سان، ڪنهن به رسمي تعارف جو محتاج ناهي. عشقي صاحب، اردوءَ، فارسيءَ سان گڏ، سنڌي زبان جو وڏو شاعر آهي. سندس سنڌي شاهڪار ڪلام، مهراڻ رسالي ۾ ڪافي وقت کان شايع ٿيندو آيو آهي. بيت، دوهي، وائيءَ ۽ ڪافيءَ جي فني محاسن کي جنهن پختگيءَ ۽ قادرالڪلاميءَ سان عشقي صاحب نباهي چڪو آهي، ان جو داد سنڌ جا اديب ۽ شاعر، دانشور ۽ سخن فهم دل کولي ڏئي چڪا آهن. سنڌي ادب ۽ فن جي هڪ چاڙهوءَ جي حيثيت سان، جڏهن کان عشقي صاحب ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جون واڳون سنڀاليون آهن، تڏهن کان ريڊيو اسٽيشن حيدرآباد جي پروگرامن ۾ نه فقط سنڌي نشريات ۾ اضافو ٿيو آهي، پر ان سان گڏ سنڌي موسيقي، ادب، تهذيب، تاريخ ۽ ثقافت متعلق ڪيئي نوان پروگرام پڻ مقرر ڪيا ويا آهن، جي معيار ۽ افاديت جي لحاظ کان قدر جي لائق آهن.

اسان محترم عشقي صاحب جي تقرّر کي سنڌي ادب ۽ فن جي خدمت ۽ اشاعت جي سلسلي ۾ نيڪ فال سمجهون ٿا ۽ سندس خصوصي توجه جي لاءِ هڪ تجويز عرض رکون ٿا.

سنڌ جي مشاهير جي سوانح، فن ۽ ڪارنامن متعلق اسان جو مشورو آهي ته انهن جا باقاعده مخصوص ڏينهن ملهايا وڃن.

سنڌ جي صوفي بزرگن سان حضرت مخدوم نوح رح، مخدوم بلال رح، شاهه ڪريم، مخدوم محمد زمان لواري، مخدم معين ٺٽوي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، شاهه عنايت شهيد وغيره ۽ مشهور شاعرن سان لطيف، سچل، شاهه عنايت رضوي، خليفي نبي بخش لغاري، مخدوم گروهڙي، صادق فقير، منٺار فقير، حمل فقير، مراد فقير، بيدل، سامي، مخدوم امين هالا، سانگي، قليچ، قادري، مخلص، بسمل، واصف، محمد صديق مسافر، خادم لاڙڪاڻائي.

ملڪي خدمتگارن سان رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي، مولانا تاج محمود امروٽي، علامه سيد اسد الله شاهه ٽڪڙائي، سيد الهندي شاهه، حسن علي افندي، شمس الدين بلبل، خانبهادر محمد يعقوب، شيخ صادق علي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، خانبهادر الهه بخش سومري، مولانا دين محمد وفائي، مولانا محمد صادق ڪراچي، پير تراب علي شاهه، جان محمد جوڻيجي، سر شاهنواز ڀٽي، مخدوم غلام حيدر صديقي هالا، پير غلام مجدد سرهندي ٽياروي وغيره ۽ محقق عالمن سان علامه آءِ آءِ قاضي، علامه ڊاڪٽر دائود پوٽي،

ڊاڪٽر گربخشاڻي، عثمان علي انصاري، مولانا عبدالڪريم چشتي، ڀيرومل مهرچند، لالچند امرڏنيمل، مرحوم رئيس ضياءالدين ايس. بلبل، وغيره جا ڏينهن ملهايا ويندا ۽ انهن جي سوانح سان گڏ، سندن تعليمي ادبي، ديني ۽ ملڪي خدمتن تي تقريرون ڪرايون وينديون.

ان سلسلي ۾ سنڌ جي زنده ۽ مشهور شخصيتن ۽ پراڻن تجربيڪارن ۽ ملڪي خدمتگارن جا انٽرويو رڪارڊ ڪرايا ويندا، جيئن سنڌ جي باشندن کي سندن زبان سان بيان ڪيل واقعات مان تاريخي حقيقتن جي خبر پئجي سگهي.

اميد ته هي سلسلو سنڌي ادب ۽ سنڌ جي قومي تاريخ ۾ هڪ مفيد اضافو تصور ڪيو ويندو ۽ عشقي صاحب هن تجويز سان متفق ٿيندو.

## شڪريو

آخر ۾ اداره "مهراڻ"، سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري محترم غلام رباني صاحب جو ازحد ٿورائتو آهي، جنهن صاحب جي فني صلاح ۽ مشوري سان "مهراڻ" جي معيار کي برقرار رکڻ ۾ وڏي مدد ملندي رهي ٿي.

ان طرح سنڌي ادبي بورڊ پريس جي مئنيجر مسٽر الله بچايو يوسفزئي، ۽ پريس جي سمورن ڪارڪنن ۽ مسٽر 'انور' هالائي، اسسٽنٽ ايڊيٽر جو شڪريو ادا ڪجي ٿو، جن خلوص ۽ محنت سان تعاون ڪيو. -غ.م.گ



"سمنڊ جي ڪناري تي بيهي، لڏندڙ لمندڙ جهازن کي ڏسڻ سان هڪ طرح جي خوشي پيدا ٿئي ٿي؛ ڪنهن وڏيءَ ماڙيءَ جي دريءَ وٽ بيهي، هيٺ لڙائي هلندي ۽ ماڻهن کي مرندي ڏسي به هڪ طرح جي خوشي پيدا ٿئي ٿي؛ پر جا خوشي سچ جي آتانهينءَ ٽڪريءَ تي بيهي، هيٺ ماٿر ۾ ڀلن چڪن، بخارن ۽ طوفانن کي ڏسڻ سان ٿئي ٿي، تنهن جهڙي ٻي ڪائي خوشي ڪانهي — پر شرط اهو آهي ته ڏسندڙ ۾ نهٺائي ۽ رحم هجي."

— لوڪريشس، هڪ رومي شاعر.

# ١

# شعر

# مخدوم محمد زمان صاحب "طالب المولیٰ"

## قطعا

(١)

هزارين رنگ بدلائي ڏناسون،
ٻراون جا ٻه ڳڻ ڳائي ڏناسون.
فقط پنهنجي دران ٿيو حلّ مشڪل،
پيا در ڪيئي ڪڙڪائي ڏناسون.

(٢)

گهڻا حرمين مان وحدت وٺن ٿا،
گهڻا دگران جان دائم ٿين ٿا.
گهڻا مومن محبّت ۾ مچن ٿا،
گهڻا حاجي ٻه رهزن ٿي اچن ٿا.

(٣)

ڪٿي ٻرسر وڏائي تاج آهن،
ڪٿي محبوب جا معراج آهن.
ڪٿي مسڪين مولائي چڱا مڙس،
ڪٿي عاشق مزاج الحاج آهن.

(٤)

خيال ئي ٿو ٿئي بيمار اوّل،
خيال ئي ٿو ٿئي بيڪار اوّل.
خيال ئي ٿي سيئي دُرومدار آهه،
خيال ئي ٿو ٿئي بيدار اوّل.

( ٥ )

ٿلهي ٻڪ ٻڪ ڪرڻ سان دل مري ٿي،
گهٽي چپ چپ هئڻ سان دل جئي ٿي.
فقط گونگو ٻـہ ٿيڻو ڪونـہ آهي،
رڳو ’هپ‘ (۱) ٿي نهڙ آخر نٿي ٿي.

( ٦ )

زماني ۾ هلڻ سان ٿي هلڻ آهہ،
هلي ڪنهن ڏي وڃڻ سان ٿي وڃڻ آهہ.
ڪري همدردي، همدردي ٿي وٺبي،
ڪهين وٽ پڻ اچڻ سان ٿي اچڻ آهہ.

( ٧ )

هزارن هوندي هڪڙو ٻاڻ آهي،
اهو ٿـي، عقل جو آهيڃاڻ آهي.
ڪبي خدمت هميشه پنهنجي پاڻهي،
هتي سر جـي ٻلا سر ساڻ آهي.

( ٨ )

محبت ڏيڻهن هڪڙي لئہ نٿي ٿئي،
محبت زنـدگـيءَ لءِ آهہ ٿيندي.
محبت زنـدگـيءَ جـي لاءِ ضامـن،
محبت هر ڪهين سان ناهہ ٿيندي.

( ٩ )

جي زخمن تي زبان مرهم نہ لائو،
تہ ڀوءِ ڇئبو مقرر ڪجهہ نہ چائو.
اتي ڪـا بدزباني ڪانہ گهرجي،
اهو گَرُ ڪنهن نہ اڪثر آهہ چائو.

---

(۱) مُنهن سَچائي مٿان ۾ ويهڻ.

● G. Allana.

## The Awakenning

In a language without words
Or Voice Your Beauty spoke;
Tongue-tied, I listened, entranced,

As if you were a silent river
That quietens with her calm
The roar and thunder of a water-fall
In the hidden depths of her bowl.

My soul, enchanted, set sail
On the hopeful sea of dreams,

Where your Love bestowed
The gift of Song.

## ● جي- الانا

ترجمو: ڊاڪٽر اسدالله شاه "بيخود" حسيني

●

ٻنا لفظن ۽ آوازن جي، تنهنجي حسن ڪيو ڪو خطاب سڄڻ.

جيڪا ٻولي ٻڌم تنهن جادو ڪيو، ٿي گنگ زبان چَپ ڪو نه چُريو،
آءُ ڏئي نه سگهيس ڪو جواب سڄڻ.

جن اهڙو آهين تون دريا، جنهن ۾ آهه رکو چپ چاپ سدا،
جنهن جي انت جو ناهي حساب سڄڻ.

هن خاموشيءَ ۾ ڪم ٿيو وڃن، جيڪي گوڙ ۽ شور سان پائي وهن،
ڪئن ڪير جهلي ڪو تاب سڄڻ.

منهنجي روح جي ڪشتي حيرت مان، هن بحر عميق ۾ ٿي ويئي روان،
ڏٺين حسنِ اميد جو خواب سڄڻ.

تنهنجي حسن ڪيو پوءِ مون کي عطا، سڪ، سوز ۽ راڳ ۽ رنگ مٺا،
مون کي جيڪي مليو سو ثواب سڄڻ.

# دوها

● الهداد "عاصم" ٻوهيو

ڪوڙا ماڻهو! تون ڪوڙو آن؛ تنهنجو مَنُ ٻي ڪوڙو آهي،
تون ان جوڳي ٻاسو آهين جنهن جي هٿ ۾ سوٽو آهي.

ٻورا ماڻهو! تون ٻورو آن؛ تنهنجو مَنُ ٻي ٻورو آهي،
تون ان جوڳي دشمن آهين جنهن ور توتي ڏورو آهي.

هلڪا ماڻهو! تون هلڪو آن؛ تنهنجو مَنُ ٻي هلڪو آهي،
تون ان جوڳي ٻاسو آهين جيڪو تنهنجو ٻٽڪو لاهي.

ڪارا ماڻهو! تون ڪارو آن؛ تنهنجو مَنُ ٻي ڪارو آهي،
ٻنهنجا ساري ٻاڻ ملهايئه تنهنجو ٻي اڄ وارو آهي.

ڪاڻا ماڻهو! تون ڪاڻو آن؛ تنهنجو مَنُ ٻي ڪاڻو آهي،
تنهنجي ڳلي ۾ ڳارو آ، ٻر تنهنجي وات ۾ داڻو آهي.

سچا ماڻهو! تون سچو آن؛ تنهنجو مَنُ ٻي سچو آهي،
تون ئي ان جو ٻاسو آهين، جيڪو توسان سچو آهي.



# وايون

● سرو پچندر "شاد"

هي سُر، هي آلاپ، آيل مون کي گھائين ٿا!
سُنهه سهوڳي، رِم جهِم ٻرڪا، سُر، ماهه جو ميلاپ،
هي سُر، هي آلاپ، آيل مون کي گھائين ٿا!
ڪٿ ڪٿ ڪينوڻ ڪنوري اڻ ٿي ڇڻ وڇڙيل جا ورلاپ،
هي سُر، هي آلاپ، آيل مون کي گھائين ٿا!
ڀريت جو ڀيو ٻڙلاءُ ڪنن ۾، آڌري ويا سڀ پاپ،
هي سُر، هي آلاپ، آيل مون کي گھائين ٿا!
جو دم ڀريت بنان ٿو گذري، سو دم آهه سراپ،
هي سُر، هي آلاپ، آيل مون کي گھائين ٿا!
ڀريت ڪريو ڙي، ڀريت ڪريو ڙي، ڇا جا جڳ (۱) ۽ جاپ،
هي سُر، هي آلاپ، آيل مون کي گھائين ٿا!

● نقاش

توريءَ ڏينهن ڏاڍڪي ٿو جالي رت رئاڙي رات،
اسان کي هردم تنهنجي تات.
ور ور ڏيئي وڍي وڇڙاڳين قرب جو ٿهري ڪات،
اسان کي هردم تنهنجي تات.
مومل محلين مالدي آهي، سسئي منجهه مڪرات،
اسان کي هردم تنهنجي تات.
مچ، متو آن ايٺ ته مرالدين! ڪهاتونڙا منجهه گهات،
اسان کي هردم تنهنجي تات.
لوئيءَ جي لڄ رکڻي آهي، لڱون ڀُون ۾ هيءَ لات،
اسان کي هردم تنهنجي تات.

(۱) جڳ = يگيه = هون = آهوتي.

ماٺ تنين کي مُور نہ ايندي، ڏنگيو جن کي ڏات،
اسان کي هردم تنهنجي تات.
ناڪا، اي "نقاش"! نہ مڙندا پوريندا پرِيات،
اسان کي هردم تنهنجي تات.

● مير محمد پيرزادو

سيـــر جـــي ســـورن ســـاءِ،
اسان جي اکڙي دلڙي کهائي آ.
پاڪ - ڌرتيءَ ۾ ساوا چوڙ نہ ايئن چمڪاءِ،
اسان جي اکڙي دلڙي کهائي آ.
پنهنجي پورن اڳ هٿن تي ميندي ڪين لڳاءِ،
اسان جي اکڙي دلڙي کهائي آ.
چير ڇڏي چرڪائي جيڪا، اهڙي پايل پاءِ،
اسان جي اکڙي دلڙي کهائي آ.
دل جو ڪورو خاڪ ٿئي ڪو اهڙو راڳ پڙاءِ،
اسان جي اکڙي دلڙي کهائي آ.
وڃڻ اسورا ايئن توهان جا، ڪجل نہ تن ۾ پاءِ،
اسان جي اکڙي دلڙي کهائي آ.
پورن دل پروڙ ڪئي آ، ڪهور وجهي تہ نہ کهاءِ،
اسان جي اکڙي دلڙي کهائي آ.
ٻاهہ جا الا ڀڙڪائي جا، اهڙي تند تپاءِ،
اسان جي اکڙي دلڙي کهائي آ.
وِيل وَيَلَ لٺ ويٺا چوري نيڻن نير نہ لاءِ،
اسان جي اکڙي دلڙي کهائي آ.
ان جي دل جي دليا جلندي، ٻاهہ ٻري جنهن جاءِ،
اسان جي اکڙي دلڙي کهائي آ.
تون تہ اچايو جان وڃائين، ڪير مري ڪنهن لاءِ؟
اسان جي اکڙي دلڙي کهائي آ.
چوڏس رات ۽ چنگ چپن تي، ڳاءِ اوراڳي ڳاءِ،
اسان جي اکڙي دلڙي کهائي آ.

● ادل سومرو

رات رھي ويو راڻل مون کان،
ايچُ پراڻو نوڙي.
آس اندر جي مون سان سرتيون، لڪيو ويٺي لوڙي.
ايچُ پراڻو نوڙي.
باھ برھ جي آھي ڇڏيو، جيءَ منھنجي کي جھوري.
ايچُ پراڻو نوڙي.
اينھن جو ناتو مينڌرو مون سان، جيڏيون شل وري جوڙي.
ايچُ پراڻو نوڙي.
منھن مٽي جو ڪھل ڪري، ماڳ منھنجي من موڙي.
ايچُ پراڻو نوڙي.

● مائيشو اوٺو "فدا"

سون کي سار لهه حسنِ ازل، سان جنم جنم جو جوڳي هان.
ڀڙا جو آ ڀاڄو مون تي، ڏاڍو ڏينھن تتل،
مان جنم جنم جو جوڳي هان.
سورن جي ساگر ۾ منھنجي، واھر لڙڪ اجھل،
مان جنم جنم جو جوڳي هان.
اوراڪھي مان صديون آيس، وڇڙي من جي ول،
مان جنم جنم جو جوڳي هان.
ھڪ ھڪ آ الزام حياتي، جندڙي گولاچ سڪل،
مان جنم جنم جو جوڳي هان.

● "بشير" سيتائي

تو ٻِن منھنجا راڻا، راس نه ايندیون راتيون مون کي.
تنھنجي درد دُھائا ڪيا، دل ٿي داڻا داڻا،
راس نه ايندیون راتيون مون کي.
ھوڙا منھنجا حال ٿيا ٿي، تنھنجي سار سڃاڻا،
راس نه ايندیون راتيون مون کي.

ٻاهپ واري ٻولي توسان، توبان ٻيچ ارانا،
راس نہ ايندڙيون راتيون مون کي.
دل جو ديپ وسامي ويو آ، تيم تري ويا تاڻا،
راس نہ ايندڙيون راتيون مون کي.
روئي اڄ "بشير" جا ساجن، تي ويا تو بن ساجن ساڻا،
راس نہ ايندڙيون راتيون مون کي.

● ٻون سنڌي

مون سان لنب لياڪي يار، ڪيڏا ٿهر ڪلور ڪيا،
او سائين، ڪيڏا ٿهر ڪلور ڪيا.
لنب لياڪي ليئي مون کي، مون لئہ پيٺا سور ڪيا،
ڪيڏا ٿهر ڪلور ڪيا.
مون تہ نہ پاليو، لنبڙي مون کان، منهنجا جالي دور ڪيا،
ڪيڏا ٿهر ڪلور ڪيا.
جيڪي هيڙا جوڙا جالي، لنب اهوڙي ڇهور ڪيا،
ڪيڏا ٿهر ڪلور ڪيا.

● الطاف "بيدار"

پنهنجا سپ کي ٻور ميان، ساعت ساعت سور مهان،
پنهنجا سپ کي ٻور ميان.
دلبا کي اڄ ڪير ڏسي ٿو، لڳ سين جا چور مهان،
پنهنجا سپ کي ٻور ميان.
غم ڪنهن کي ٻي ڪين ڇڏي ٿو، ويجهو توٽي ڏور ميان،
پنهنجا سپ کي ٻور ميان.
ظاهر خوش ڏسجي ٿو هرڪو، سپ کي آ ناسور ميان،
پنهنجا سپ کي ٻور ميان.
سور نہ ڪڏهين لهٿو آهي، سور نہ لهندو سور ميان،
پنهنجا سپ کي ٻور ميان.

# ڪافيون

● منصور ويراڳي

*

هلي جي هيج سان محبوب جي چانئٺ چمن اکيون،
ڏسي سي موت اکين سان ئہ ٿيون هرگز مڙن اکيون.
عشاقن جي اکين کي آ، جگر ڏوڪر کي ڏارڻ جو،
ٻئر دل کي ٻہ ساٿي ڪن، اثر ايڏو رکن اکيون.
سدا سجدي ۾ ٿيا سرها سمائا سيڻ عاشق جا،
مٿي موزون نہ مارڳ ۾ ڪڏهن اک کي کڻن اکيون.
جگر جو رت ٻين ٻلپل، تڏهن سڻ ڪين ڍاڻ ٿيون،
اجابل تير تاماريون تہ هردم ٿيون رهن اکيون.
اکين جي آپ مٿان ڀنبٽين جي جهوڙ جي آ حسين جهرمر،
وسڻ جا ويس مارلگ جهڙن ڪيو هر هر وسن اکيون.
اکيون "منصور" عاشق جون، ڀڃائن جوڳ ٿيون جيڪي،
ڪنڊيون ڪاريون ڪڪوريل ڪينڪي تن کي ڪهن اکيون.

● خادم سروري

*

اڄ اکڙ اکيءَ جي يار هلي، تون منڙا منهنجون مدايون نہ ڏس.
ليٿ پلن ڪان ٿيندي ڀلي، اي ڪامل منهنجون ڪچايون نہ ڏس.

اکي ٿمر کنيم، اکي سائي کنيم، توکي وک وک تي سردار سڏيم،
منهنجي توکان سواءِ ڪا آهي ڳلي، هاڻ ڏولڻ منهنجون ڏلايون نہ ڏس.
توسان ڳالهيون سڄڻ هاڻي کهڙيون ڪيون، تنهنجون مڙئي مياروڻ مون ڏي ٿيون،
هڪ پيرو وڄ مون سان محب ملي، اي ڏاها منهنجون ڏنگايون نہ ڏس.

عاشق مين هون مست جلالي، ڀنجان تنان دي در تي سوالي.
ڏولهين هٿ هين ميڏي خالي، ساز سيڏا هي دستا.
يار وڇون مين الفي ٻاکي، ڀڄون خلق دي خواري چاکي،
"خادم" جوڳي آپ سڏاکي، سهر کيتا هي مستا.

● "بشير" سيتائي

*

ڪين ٿي وعده شڪن، وعده وفائي ڪر اچي،
جي چڱو آهين ته پيارا ڀو چڱائي ڪر آچي.
تو مٽڪيون مون ڏي مهارون ڪوڙ ماڻهن جي هٿان،
جي خطائون مون ڪيون سامهون صفائي ڪر اچي.
مان عليل آهيان ٿيو الفت ڪان ساري لوڪ ۾،
تون ڀي ٻڌري پنهنجي دلبر دلربائي ڪر اچي.
مون قبوليو قرب مان توکي سڄڻ سر جو ڪري،
مان سچو صحبت ۾ ٿيڙس تون سچائي ڪر اچي.
مون ٻڌو آ، ڏور ڏينهن لائي رکي تو ڏيٺ ويٺ،
وهم منهنجي لئه تون واپس پڪ پڪائي ڪر اچي.
مان "بشير" آهيان برابر بره ۾ ٻيوس ٿيو،
ڪر اهي ڀانور ٻاورا دلبر ڀلائي ڪر اچي.



# گيت

● عبدالقيوم 'صائب'*

اڄ اوري او يار،
ساهه جا سينگار، اڄ اوري.

وڻجارن جي وات، ڳوليان ڪهڙا ڪهات،
تڙ تڙ آهي ٻات، تنهن لئه روشن لاٽ،
ڪنديس پاڻ کي جهوري، دل جي وٽ کي سوري،
اڄ اوري او يار،
ساهه جا سينگار، اڄ اوري.

دلڙي آهه اداس، چالئي آهه اماس،
وڻندو ڪهڙو واس، ڪل ڇا ايندو راس،
جنڊڙي ڏينديس کهوري، چنگڙو ڏس تون چوري،
اڄ اوري او يار،
ساهه جا سينگار، اڄ اوري.

ماڻا لخرا چاڳ، وايون ڪافيون راڳ،
هڪڙي لئه ها لاڳ، مون لئه سڀ ها آڳ،
ڪوئي نه مون کي چوري، ساز ڇڏيا مون پوري،
اڄ اوري او يار،
ساهه جا سينگار، اڄ اوري.

ماڻهن ليکي ماٺ، مون لئه آهي ڪاٺ،
ٻنڊت ڏيندو ٻاٺ، ٿيندو سوڻ ۽ ساٺ،
هلبو هوري هوري، ڏسبو سڀ کي ڏوري،
اڄ اوري او يار،
ساهه جا سينگار، اڄ اوري.

پيڙيءَ پيڙيءَ بار، اندر ڌو بازار،
وڻجارن جي وار، منهنجو ابندو يار،
امندم زر ۾ توري، ڪنهن جي ڪنهن جي ڏوري،
اڄ اوري او پار،
ساهه جا سينگار، اڄ اوري.

● مهيسر ”خادم“ رفيقي

چو ڌو وچين وهلور،
آءُ ته ساٿي ڪڏجي گذاريون.

رانگ رچايون ظلم مٽايون، سستي چڏ تون وير،
دل جي چمن ۾ ڏڏڙي منڙي آءُ ته کهلايون هير،
وقت سجاڳيءَ جو آيو، پاڻ ۾ سليون سور،
ڪٿين ۾ چو ويهي گهاريون،
آءُ ته ساٿي ڪڏجي گذاريون...

سستي امان ڪي ابندي لهو ڙي سستي دل مان ڪوري ڪيڻ،
سست ڏيڻ ڪم لاهي تنهنجو، مرد بڻي ڏي دل ڪي ڏي،
پنهنجا حق ڪر حاصل سارا، ملڪ ۾ ٿيءُ مشهور،
پنهنجي پلي لئي ڪجهه ته پچاريون،
آءُ ته ساٿي ڪڏجي گذاريون...

خواب لهون ٿا رات جو جيڪي، خوابن جو تعبير ڪريون،
پاڻ ۾ آئي بيداري ۽ پنهنجو جهان تنوير ڪريون،
مايا تي اي دوست ڪڏهن تون ڪين ڪي رهه مغرور،
بگڙي بنايون، ملڪ سڌاريون،
آءُ ته ساٿي ڪڏجي گذاريون...

● ادل سومرو

آديسين سان اکڙيون اڙائي،
ڪهاءُ پرائي ويٺاسين.

قرب ڪهاڻيون، ڪين ڪيون،
من جون ڳالهيون من ۾ رهيون،
هليا ويا هو ڪيڏالهن الائي...

سورين سوا، آ ڏک ۾ ڏالجهو،
مولجهو مولجهو من اسان جو،
گيت غمن جا وينو ڳائي...
"ادل" اسان کي سڏ لـ رهي،
ويندا هليا هو ماجهر ڪنهي،
ڪين اسان کان موڪلائي...

● ميم عظيم سومرو

ڪڏهن پلا ايندين او سائين، اڃا نه آئين سائين،
ڪڏهن پلا ايندين او سائين!

رم جهم رم جهم لڙڪ وهايا اکڙين ڦڙڪي ڦڙڪي،
مالدي دلڙي سائي تي ٿي، آخر ڌڙڪي ڌڙڪي،
اهڙي ساٿ لڳي ٿي منڙا، بجلي جڻ آ ڪڙڪي،
ڪڏهن پلا ايندين او سائين!

ڪوڙ ڪهڙيو، آواز ٻڌم، ڪوئي ڪري ٿو ٻات،
لڪندي ڇپندي آئين ساجن وينو ڪرين هات،
سڏيم، ڳولهيم، ڪين هئين تون، روئي ٿيئي رات،
ڪڏهن پلا ايندين او سائين!

پنهنجي ٻاچي تي ٿي ڇڪجي، هر هر جاڳيم يار،
پنهنجي ٿي هر چرير تي ٿي، ڪن ڏلم دلدار،
آپ تي اڏريون ڪرلائينديون، ڪونجون ڪري قطار،
ڪڏهن پلا ايندين او سائين!



# غزل

● شبير "هاتف"

●

ڪير چا چا ۾ زيبِ داستان ۾،
لڦون پنهنجي ويون، منهنجي زبان ۾.

اڃا تنهنجي اچڻ جو آسرو آهي،  اڃا ڪا جان آهي، خسته جان ۾.
ثريا ۾ ڪٿي يا ڪهڪشان ۾،  ملي منزل جا سنگِ آستان ۾.
مون ڪي ايذو نه مجبورِ فغان ڪر،  مون کي ايذو نه وجهه تون امتحان ۾.
اسان جي هٿ ۾ جيسين جام آهي،  اسان جي شهنشاهي، دوجهان ۾.
دلين جا شهر، لحظي ۾ لڙهي ويا،  عجب طوفان هو، اشڪِ روان ۾.
وري هو مائلِ لطف و ڪرم آهي،  الاهي عاشقن ڪي رک امان ۾.
سنڀاليو پنهنجي دامن کي سنڀاليو،  ٻري اٿي باهه، هن اشڪِ روان ۾.
رلو ڇو ٿا، وڃو ساري جهان ۾،  ٻيا آهن، اسان جهڙا اوهان ۾.
ڀروا پنهنجا سڀ ڏسبا پيالي پائي،  رکو 'هاتف' نه هو هڪڙو امان ۾.

هئي ڪيڏي نه رنگين، بزمِ عشرت،
ڪٿان 'هاتف' اچي ويو درميان ۾.

● شيخ عبدالرزاق "راز"

●

ڏنهنجا لماڻا اين، ڇو خواباب ڏي ويا،
جوڪي جهلي وڃا تاب، سي سيراب ٿي ويا.

کهڙو ٻڌو ٿا حال، پريشان اصب جو،
سهڻا ستايا سور، ڪلشهاب اي ويا.

● عاجز آچڻ

●

اڇا ماڻهو، ميرا مَنَ،
ڪير ميڄائي، من درپن.

ڪو ته ماڻهو، موتيءَ داڻو، ڪو ته جهڙو، ٽوهر ڀَنَ.
ڪا ته ڪينجهر، هنجهه آڌار، ڪا ته ڪينجهر، ڪانگ لنون.
ڪي ته اهنج ۾ اوڪا لاهن، ڪي ته سهنج ۾ ڏک ڏين.
آگ حياتي، ”عاجز“ ساري، پٿر سارو آ جيون.

● سومرو محمد اسحاق ”راهي“

●

قسمت وفا ڪري ته ٿي هر شيءِ وفا ڪري،
دلبر وفا ڪري ته وفا ٿو خدا ڪري.

دل جي مريض جي ڪو ڀلو ڇا دوا ڪري،
هن جي نگاهِ ناز فقط ٿي شفا ڪري.

ان طرح توتي پاڻ فدا آهيون دلربا،
پروانو خود کي شمع مٿان جيئن فدا ڪري.

ڪيڏو نه حسنِ معنيٰ تي بهتان ٿو اچي،
واعظ کي چؤ ته اهڙي نه اڳتي خطا ڪري.

مون کي تلاش نسخه و مرهم جي ڪين آهه،
زخمِ جگر کي ٿا اگر ڪو عطا ڪري.

بيتابيون ۽ سوز، پريشانيون، جفا،
سامان زندگي جا مان ڪيئن ڪٺا ڪري.

هن مهل تائين پيار ۾ تقصير ڪين ٿي،
رهجي اچي ڪا خير جي اڳتي خدا ڪري.

بيشڪ زبان تي ضبط ڪري ”راهي“ ٿو سگهي،
ليڪن اکين تي ضبط ۽ قبضو به ڇا ڪري.

● حباب انصاري

●

مجبورن جو حال سڻائي ڇڏيو اٿم،
حيران هر نظر کي بڻائي ڇڏيو اٿم!

هي درد، هي فراق، هي صدما هي بيکسي،
ڇا ڇا نه پنهنجي دل ۾ سمائي ڇڏيو اٿم!

ڪوئي ڏسي اچي هي ڪرشمو جنون جو،
دامن تي لالهزار کلائي ڇڏيو اٿم!

منهنجي عظيم عشق جون ڏسجو عقيدتون،
سر کي به سنگِ در سان ملائي ڇڏيو اٿم!

ڏسجي ته هن جهان ۾ ڪهڙا ٿا گل ٽڙن،
پنهنجي اکين مان مينهن وسائي ڇڏيو اٿم!

دل جان پنهنجي دوست جي قدمن اڳيان رکي،
الفت سندو حساب چڪائي ڇڏيو اٿم!

بيتاب ٿي غزل ٿي چوي دل 'حباب' جي،
رڳ رڳ سندو رباب وڄائي ڇڏيو اٿم!

● "جانثار" سروري

●

اکين ئي اکين ۾ پياريو ڇڏين،
نشا نيڻن وارا ڏياريو ڇڏين.

جي ڦيرائين نظرون ته ماريو وجهين، جي مرڪي نهارين ته جياريو ڇڏين.
ڪناري تي بيهي جي ڪجلا ڪڍين، ڪُڻن مان ڪنڌين پيڙا آڪاريو ڇڏين.
او هان ڪنهن نه وعدي کي ايفا ڪيو، مگر ڇا ڪجي، جو وساريو ڇڏين.
نگاهن ۾ جادو انهي قهر جو، ڪڍين ٿو ته پٿر به ڳاريو ڇڏين.
پڌايان جڏهن توکي ٿو دردِ دل، ڪري پيار ڪنٽار ٽاريو ڇڏين.

نه ڀاري ڪو توسان ٿو اي "جان نثار"،
مگر تون ته سڀني سان ڀاريو ڇڏين.

## ● ’قلندر‘ ٻدوي

●

تنهن جو تسر مان توکي وساري لٿو سگهان،
تو ٻن گهڙي ڪا هڪڙي ٻه گهاري لٿو سگهان.

سوزِ درون جو دارون آ ديدار يار جو،
ٻي ڏي ڪٿي اڪاهه اهاري لٿو سگهان.

راهِ وفا ڪٺن آ مگر راه سا ڇڏي،
آسان ڪاٻه راه اجاري لٿو سگهان.

دهرايو آهه اڄ مون وري عشقِ قيس کي،
مجنون جان سر کي سنگ کان ٽاري لٿو سگهان.

تقدير آڏو ڪاله ٿي تدبير ڪا هلي،
بگڙيل اصيب پنهنجو سنواري لٿو سگهان.

احساس نامرادي جڏهن دل ۾ گهر ڪيو،
دل کي ڏئي دلاسو ڏٽاري لٿو سگهان.

عشق ستان ۾ منهنجي سڄي عمر ٿي ٻسر،
ازلي اهو آ انگ جو واري لٿو سگهان.

ٻارش جان ٻار ٻار وسن ليڪ لير ٿي،
آتش لڳائي عشق، سا ٺاري لٿو سگهان.

ڪاوڙ منجهان ٿي مون ڏي لهاري ته ٿو ٻيو،
احسان ان جا هي ٻه وساري لٿو سگهان.

## ● ليراج ”صوفي“

●

سند موٽي مهر ٿي مينهن منديو مالداڻ اڄ،
چنڊ چوڏس جي لکي چوڏس ڪئي چالداڻ اڄ،

آهه اڄ اڙلگ ٿيو آپ ۾ اٿسا آهن ابر،
اوت اوتي هي اڄهي ڪنديون آهون آلاڻ اڄ.

وٻل واهيري وسيو والدين وٽاڻن وڏڦڙو،
ور ڏئي واحد سندي ولهار ڪن واڪاڻ اڄ.

ٻلٽ ٿي ٻولن ٻٽن ٻرچي ٻهار ڀرت سان،
ڀاڪ ٻاٽي ڀلر ڇو ٻاٻن ٻياريو ٻاڻ اڄ.

ٿر جبل ساري وچولي لاڙ ۽ منگرن مٿان،
جام جالارو وٺو جوهن سين جر جنهاڻ اڄ.

مينهن هن موتي وسايا ملڪ ماڪي ٿي ٻري،
سنڌ جي سرسبز وادي سرس ڪئي سرهاڻ اڄ.

برڪتون باريءَ ڪيون ڏس ٿي ڪٺن مان ڪيچ ٻيا،
قرب سان قادر ڪيا ڪنڊ ڪنڊ ۾ ڪلهاڻ اڄ.

اڄ اگڻ تون ٿو اچين "صوفي" اهو ٻڙو ٻسڻ،
آسمان تنهنجي اچڻ جا ٿو ڏئي آهڃاڻ اڄ.

● مومن مليرائي

●

جي ڪهرو ٿا زندگاني ٿئي سجائي دوستو!
عزمِ همت سان آئي ڪريو ڪمائي دوستو!

ڀرت جي ڀڙ ۾ ٻسايو سورهيائي دوستو!
ڪين ڪريو قرب ۾ ڪڏهين ڪچائي دوستو!

ظلم مان ڪجهه ڪين ورندو آ ڪجهه ورنو ڪڏهن،
ڪوڙ سچ جي ٿيندي ڪا آخر صفائي دوستو!

قرب سان جي ٿا رکن هت ڪار ۾ دل يار ۾،
ٻرت تن ٻوري ٻرينءَ جي آ ڀرائي دوستو!

قوم جي خدمت ڇڏي جن ٻيٽ جي ٻوڄا ڪئي،
طمع تن ڪي آ ڪيو ٽڪڙو ٽوائي دوستو!

منهن ڪنديءَ ٻورچان آ دل وراڪو دوسـ ـون،
موٽ، ٻرينءَ "مومن" نه ٿيندي ڪا جدائي دوستو!

# نظم

● عبدالڪريم گدائي

## اڄ سنڌ ۾ ياد ۾ ڳوڙها ٿو وهايان وينو!

### (پنهنجي شريڪ حيات جي ياد ۾)

اي منهنجي سور جي ساٿي سنڌم شريڪ حيات!
اڄ سنڌ ياد ۾ ڳوڙها ٿو وهايان وينو.
تنهنجي خدمت ۽ وفائن کي هينئر ياد ڪري،
تنهنجي تصوير کي سيني سان لڳايان وينو.
توکي ان وقت هو تقدير ملايو مون سان،
منهنجي ٻارن جو جڏهن ڪوبه سهارو نه هيو.
ماءُ جي پيار کان محروم ها ابهم منهنجا،
ٻات اولاده هئي، اميد جو تارو نه هيو.
تون مگر آئين سنڌم گهر ۾ فرشتو بڻجي،
ٻارڙن کي تو مڳي ماءُ جي الفت بخشي.
پنهنجي بي لوث محبت سان تو اي جان وفا،
تو ورائين کي مگي ماءُ جي قربت بخشي.
سنڌ ممتا ۽ سنڌ پيار محبت کي ڏسي،
ٻارڙا داغ يتيميءَ جو وساري ويٺا.
تنهنجي بي لوث محبت جي مٺيءَ لوليءَ ۾،
ٻارڙا پنهنجي سڳي ماءُ وساري ويٺا.
اڄ جڏهن توکي هئي گهرج سنڌن خدمت جي،
تون ڏئي داغ جدائيءَ جو هلي وئي آهين.

هرائي علم و فن، اسرار ڏس، اڻ راز ڳالهي،
زمين ڇا آهه تون گردش وجهين جيڪر ستارن ۾.

زمانو ويو وڏي اڳتي، انجوميءَ اوهه تي ليرا،
چڙهي وڃ تون به چاڙهيءَ تي، نه ڏس تقدير تارن ۾.

وڃائي ڪرچ ويٺا مون حياتيءَ جي مڙني موڙي،
مگر اسڪو سڄو محفوظ آهي تيهه پارن ۾.

ڏسي ماڙيون ستارن جون ۽ بنگلا هي بلاڪن تي،
اکهر آهي غريبن جو، پيل تن جي اوسارن ۾.

لڳائي بخت سان بازي، اڏر هل آسمان ڏي،
وڃن دشمن ڏڏا ڏيجي، اوي هلچل هچارن ۾.

اٿو اي اوجوانو ۽ هدايو قوم کي پيهر،
جو ورثو هو اوهان جو، سو ويو يورپ جي يارن ۾.

● سرو پچند "شاد"

## رستي جو پٿر

هي آ رستي جو پٿر،
هن جوڪوئي ماڳ ناهي؛

| | |
|---|---|
| دربدر جون ٺوڪرون، | سهڻ هن جو ڀاڳ آهه. |
| جنهن به ماڻهوءَ کي نه آهي، | پنهنجي منزل جي خبر، |
| ۽ پتو ڪو ماڳ جو، | سو آ رستي جو پٿر. |
| اهڙو ماڻهو رات ڏينهن، | دربدر آ، خوار آ؛ |
| زندگي بي معنيٰ، هئو، | پاڻ تي جڻ بار آ. |
| چين ناهي هن کي ڪٿ | ڀاڳ هن کان آ رٺل؛ |
| جنهن نه پرکيو پاڻ کي، | سو آ جيڏري ٿي مٿل. |

هي آ رستي جو پٿر.

آرزو کي تو ڏنو رنگِ حيات،
تنهنجي باعث آهي حسنِ ڪائنات،
تون ئي آهين عظمتن جي ذات، ذات،
تو ئي سيکاريو اسان کي درسِ صفات،
خستگي کي تو ڏني آسودگي،
زندگي اي زندگي اي زندگي!

تون غريبن جي سدائين رازدان،
۽ رهين ٿي مالدارن مهربان،
تون ئي ليکڪ ۽ ٻڌڻ جي ترجمان،
ٻي ڪٿيا ٻي الٽ تنهنجا داستان،
تنهنجي هرهڪ روپ ۾ آهي دلڪشي،
زندگي اي زندگي اي زندگي!

چور لٽ آهين ڏکڻ اڌ رات ۾،
ڪٿ وري پاڪيو ڪٿي آفات ۾،
ڪٿ ڏئين ٿي جرم تون سوغات ۾،
هرڪو حق موجود تنهنجي ذات ۾،
ڪٿ سڪون ۽ ڪٿ جنونِ بيخودي
زندگي اي زندگي اي زندگي!

ڪٿ وڇوڙو ڪٿ وري ميلو عظيم،
ڪٿ سوين سالن ته ڪٿ آهي اديم،
ڪي سچا سڀ وتن ڪن لئي لعيم،
ڪن جي لئي تون قهر ڪن جي لئي رحيم،
ڪي گلن جا هار ڪن ڪان ٻي رخي،
زندگي اي زندگي اي زندگي!

تخت جا ڪي ئي ڏئي سردار ٿيا،
ڪي وري سوريءَ سندو سينگار ٿيا،
ڪن ڪان پنهنجا ٻڻ پراوا ڌار ٿيا،
ڪي پرايا دل ڏئي دلدار ٿيا،
ڪي رُلنِ ڪن کي ملي ٿي رهبري،
زندگي اي زندگي اي زندگي!

ماڻي انهنجو ماڳ ملهايو، لونءِ ڪين لڄائي آهي،
سنڌ سدائين سائي آهي.
ملڪ تہ ٿيندا ڊهندا آهن، سنڌ کي اوج بقائي آهي،
سنڌ سدائين سائي آهي.
ڄنگل جي جهوالڪار ٻڌي اڄ، جوڌن جوت جلائي آهي،
سنڌ سدائين سائي آهي:
مالڪ ايندا، مرندا رهندا، مورن سنڌ ملهائي آهي،
سنڌ سدائين سائي آهي:
سنڌڙي ٻولي ساهہ سڀائي، سُوڌن ڄڻن جي سوائي آهي،
سنڌ سدائين سائي آهي.
سنڌ تان صدقي شال ٿيان مان، اِس "قمر" لئي اهائي آهي،
سنڌ سدائين سائي آهي.

● "تاج" جويو

هيڪل ڇيءُ هزارين ڇوريون،
جان جلي ٿي.
اکين تماشا لکَ ڏسي ٿي،
ڏاڍي ڏني ٿي.
ڏهہ ڏُکيارو سائي! سارو،
سوچ سڙي ٿي.
اڏيءَ ٿاڻي ڳيرو ڳائي،
لنب ڦٽي ٿي.
پونهن راتِ تتر جو ٽهڪو،
ٻاڪَ ڦُٽي ٿي.
ڪَرَ موڙي ڪا ڪُنواري ڪَوِتا،
جهول جهلي ٿي.
ڏاتِ ڪويءَ جو ڏيلُ ڏاڪي ٿي،
ڪيت ڪهڙي ٿي.
ٻارودي ٻيٽن جي سن ۾،
پڙ پڙ پاهہ ٻري ٿي.

● نصير شاد مرزا

# رات رهڻ لئي

ديس ڇڏي هي،
هل تہ هلون ور،
الت بحر جي،
انت تري ۾.

ديس دروهي ڇيڻ اہ ڏيندا،
وک وک تي پيا هاء ڏاکيندا،
سور سلڻ لئي،
ديس ڇڏي هي،
هل تہ هلون ور،
الت بحر جي،
الت تري ۾.

جڳ جي آهي ريت پراڻي،
تنهنجي منهنجي آهي جواڻي،
رات رلڻ لئي،
ديس ڇڏي هي،
هل تہ هلون ور،
الت بحر جي،
الت تري ۾.



## آزاد نظم

● "عنايت" بلوچ

### هڪ گڏريل ياد

ڪا ڇوري وارن کي ڇوڙي،
در ڪولي سامهون بيٺي آ-
هوءِ ڪهڙوري ٿي،
مان سوچيان او:
هيءَ ڇوري ڪاٿي زوري آ.
ڇو ڪهڙوري ڪهڙوري ڪهاڻي ٿي،
ٽڙهاٽي ٿي، پرماڻي ٿي،
مان هن جو ڏوهي پي ناهيان،
ڇا مون مان هوءَ لئون لالي ٿي؟
مان سوچيان ٿو:
هوءَ هاڻ ڇري، مون ڏاهن سڙي،
چپ چاپ اچي هنج ۾ ويٺي.
مان ايوس ٻنجي ريو آهيان،
ڇا سولهن سان مان سينو ساهيان؛
چاتيءَ جي چهاون ڪان توبه،
آخر ته فرشتو مان ناهيان.
تن ٽڙاي اهو،
هوءَ پنهنجن ٻاهن سان مون ڪر،
ڇوڪرد وڪوڙي ويٺي آ.
هن ڇاتي مون سان لاتي آ،
ڄڻ روز ازل ڪان آتي آ،

هيءَ لالڪڻ جوڳڻ آهي ڪا،
جنهن جو ڪاڪل ڪاڪل ڪاتي آ:
هوءَ مرڪي ٿي.
جڻ ڪل ٽڙي ۽ ٻهڪي ٻا،
۽ ڏنه سندس موتين داڻا.
سي موتين کي شرمائن ٿا،
سي هيرن کي هرکائن ٿا؛
۽ اڻ سندس ٻڙچيون پالا،
سي کهورن سان دل ڪهائن ٿا،
هڪ چرڪ پريو،
هي حسن ته مارڻ لئي آهي،
۽ آءٌ اڃا جيئرو آهيان؛

جهٽ پڙڪو ڪاٿي ٻيئس مان،
مان 'ديوي' تو جهڙو ناهيان،
تون وچ جيتان آئي آهين،
مان ڪير هان جو سينو ساهيان.
دل ڏڙڪي ٿي-
اهان هن کي کهوريندوئي رهيس،
هوءَ سڏڪي سڏڪي ساٿي ٿي.

ٻوه سالگ سنباهيا هُن سسئي،
جتان ترهئون ڪاهي آئي هُئي،
جڻ اور اکين سان لڪري وئي،
جڻ قيامت برپا ٿي ويئي.

اڄ روئي پيس-
هوءَ ڪير هُئي، ڪيڏانهن وئي،
جنهن جي ياد آ منهنجو سرمايو.

هوءَ مون کي جيارڻ آئي هئي؟
يا مورئون مارڻ آئي هُئي؟
ٿو سوچيان هاڻ تہ منهنجي هُئي؟
۽ منهنجي ڪارڻ آئي هُئي-
گهٽين ۾ گهارڻ آئي هُئي
ڪري ياد وسارڻ آئي هئي.

● خادم حسين خادم

## جيجل

تون سڏجين ٿي هن جي ماتا،
جيجل، امڙ، اورڻ، سائڻ،
هي تنهنجي دل جو ٽڪرو آ،
هي تنهنجي هردي جو واسي،
تنهنجو ٻالڪ، تنهنجو پالڪ.
پيٽ ۾ ٽاٽول، ڪير ٻپاڪ،
تنهنجي ور جي هڪ ايشالي،
تنهنجو ٻچڙو، تنهنجو جالي.
تنهنجي دم سان هن جي جندڙي،
هن جي دم سان تنهنجي ياد.
اڄ ڇو هن تي ڪهل ن آيئي،
پنهنجي رَت، ڇو پاڻ وهايئي،
ايڏي ڪاوڙ، ايڏي نفرت،
تنهنجي پيرن هيٺان جنت.



# قطعا

● آغا عبدالنبي خان 'عليگ'

( ١ )

ڪيا عهد وفا جن ها، ويا سڀ ٿي سي هرجائي،
رهي تسڪين دل لئي ٿم، رکي هٿ ٻاده پيمائي.
قلمدان آهي، ڪاغذ آ، اٿم هڪ ڪنج تنهائي،
خيال مرگ آ 'آغا'، رهي ناهي هوس ڪائي.

( ٢ )

روئي مرغ چمن مون لئي، جلائن پنهنجا خرمن ٿا،
ڏين اڄ نوحه گر مون لئي، سمن، سوسن ۽ گلشن ٿا.
ڪڏهن ڪعبي ۾ هوندو هس، ڪڏهن بتخاني ويندو هس،
تڏهن منهنجي جنازي سان، هلن شيخ و برهمن ٿا.

( ٣ )

اڄ گردش افلاڪ ڪئي ٻاڪار ڏسان ٿو،
جي خواب ۾ ها، تن کي ٻي، بيدار ڏسان ٿو.
هوشيار ذرا رهجو، اي سرمايه جا مالڪ،
هي دؤر، اوهان لاءِ، گران بار ڏسان ٿو.

( ٤ )

مون لاءِ آهي دلبر، تنهنجو وصال بس،
ممڪن نه آ وصال ڪر، آهي خيال بس.
ٻچڙ جو تنهنجي بزم ۾ امڪان ڪونه آهي،
آ رهنشين گدائي سودائي خيال بس.

( ۵ )

بس عشق ۾ اي دلبر، رنجور رهان ٿو،
سان دولتِ ديدار کان مهجور رهان ٿو.
هن داغِ جگر زار کان معذور رهان ٿو،
رنجور ۽ مهجور ۽ معذور رهان ٿو.

● شيخ عبدالرزاق 'راز'

( ۱ )

وهائي لڙڪ سڄي رات ويهي گهاري سي،
اسان جا اين اجهو سوگوار ٿڪجي پيا.
هلي هلي به آميدن تي هو ڪهڙو هلندا،
ڏسو به چپا ٿا وڃو جان نثار ٿڪجي پيا.
وڃي پڌايو اٿن شهر ۾ سڄا ٻڌجي،
اسان جي 'راز' جا اڄ رازدار ٿڪجي پيا.

( ۲ )

جي سرِ شام اچين يار سان ڪي ٻه پري،
رات جو وقت ذرا پيارا اوپرو ٿيندو.
يار لاهي ته وري دل سان ٿي پنهنجون ڳالهيون،
عشق جي وات تي ڪوئي نه اڪيلو ٿيندو.
هر عبادت جي پنهان روز پڌون ٿا هوڪو،
هر رياضت ۾ عجيبن سان ڪو ميلو ٿيندو.
تنگ و تاريڪ فضا کان نه مگر دل گهبرا،
ايئ آخر ته وري صبح سوڀلو ٿيندو.

● سومرو محمد اسحاق 'راهي'

( ۱ )

آرزو جا ڏينهن وڌلندا ٿا وڃن،
زندگيءَ جا ڏينهن گُهٽندا ٿا وڃن.
ڪشمڪش ۾ مدعا ڏسجي پئي،
جستجو جا ڪنڌ ڪسندا ٿا وڃن.

( ۲ )

واپار محبت جو ڪري ڪو ته ڪيان،
دل، دل تي ڏيڻ وارو اچي ڪو ته ڏسان.
هر ڪنهن کي لفعو ڪهرجي ٿو واپار سندو،
نقصان وٺڻ وارو اچي ڪو ته مڃان.

( ٣ )

منهنجا سائي سارين ويٺو،
لڙڪ اکين سان هارين ويٺو.
ورهين کان ويڳاڻا "راهي"،
سرت سرائي ساريـن ويٺو.

( ٤ )

اڄو ڪي وصل ۾ تنهنجو رسڻ ٿو ياد اچي،
ڪچهري مان رُسي تنهنجو آئڻ ٿو ياد اچي.
ڪيان ٿو ياد ٻيو تنهنجي هر ادا کي سڄڻ،
ڪلهه ٿو ياد اچي ۽ رڻ ٿو ياد اچي.

( ٥ )

سور سـ ساڳيا سور ٻـ ساڳيا،
ليـنـهن سنـدا لاسور ٻـ ساڳيا.
ٻاله ٻنل هي اکڙيون آليون،
مردن جا مذڪور ٻـ ساڳيا.

( ٦ )

احتراماً ڪجهه ڪڇون ٻي ڪين ٿا،
اک ڪشي توڏي ڏسڻ آ لاروا.
يا حجابن کي ڇڏيون توڙي ٻلا،
يا ته حجت جي ڪيون ڪا انتها.

( ٧ )

مرڪ تنهنجي منهنجو من موهي ڇڏيو،
تنهنجي صورت منهنجا مَن وسري ٿي.
